# سنڌي ٻوليءَ جي استعمال بابت مونجهارن کي منهن ڏيندڙ دوستن کي اڄوڪي ڪاوش ميگزين ۾ هي ليک ضرور پڙهڻ گهرجي.

ميان گل محمد ڪلهوڙو

اڄوڪي دور ۾ سنڌ ٻولي جو استعمال ٻوليات يا لِسانيات هڪ انتهائي ڏکيو ۽ خُشڪ موضوع آهي. هن موضوع هيٺ سنڌي ٻوليءَ تي جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، سو عام ماڻهن جي سمجھ کان ٻِنهه مٿانهون آهي. اصل ۾ اهو ان ڪري، جو اهو سمورو ڪم، سنڌي ٻوليءَ جي بناوت، بڻ بنياد، تاريخ، ڪُٽنب، آواز، لهجن ۽ نظرين جهڙن خاص حوالن سان ته ٿيو آهي، پر ٻوليءَ جي عوامي سطح، مطلب عام ڳالهائڻ يا پڙهڻ، لکت ۾ يا ڳائڻ ۾ درست استعمال جي حوالي سان ڪين يا ٻنهِ گهٽ ٿيو آهي.

جيڪو ٿيو آهي، سو به مخصوص تحقيقي جرنلن يا مقالن جي صورت ۾ ڇپيو آهي. جيڪو عام ماڻهوءَ تائين ته پري، پر عام لکندڙن ۽ پڙهندڙن تائين به ڪين پهتو آهي. سواءِ انهن صفا ٿورڙن ماڻهن جي، جيڪي ذاتي طور دلچسپي رکن ٿا. ڪٿي جو سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو ٻوليءَ جي درست استعمال بابت ادارن کي پابند ڪرڻ لاءِ هر وقت لکت ۾ لهه وچڙ ۾ رهي ٿو، پر بدقسمتيءَ سان ادارا نه ان جي اهميت کي سمجهن ٿا، نه اهميت ڏيندي عمل ڪن ٿا! نتيجي ۾ عام ماڻهو ته پري، پر لکندڙ پڙهندڙن جي اڪثريت به ٻوليءَ جي بگاڙ ۽ اُسرڻ جي فرق کي به نٿي سمجهي.

ٻوليءَ جي درست استعمال جي سادن پر بيحد اهم قاعدن جو استعمال، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن جي ڪتابن ۾ ٿورڙي مقدار ۾ ٿيل ته آهي، پر وضاحتون يا سمجهاڻيون نه ڏيڻ سبب انهن تي غور ئي نٿو ڪيو وڃي ۽ اڄ ڪلهه جي استادن جي اڪثريت کي انهن قائدن جي ڄاڻ به ڪانهِ آهي، نه وري استادن کي ان بابت ڪا تربيت ڏني وڃي ٿي.

سڄي دنيا ۾ تمام گهٽ ماڻهو، ٻوليات جهڙي ڏکئي سبجيڪٽ جي مونجهارن يا گراميٽيڪل اسٽيڪچر واري پاسي مائل هوندا آهن، جيتوڻيڪ ٻوليءَ جي عام يا لکت پڙهڻ واري واهپي واري پاسي نسبتن وڌيڪ ماڻهن جو ڌيان هوندو آهي، سو اسان وٽ به ائين ئي آهي. جيسيتائين سنڌي سماج نج هو، تيسيتائين سنڌي ٻولي وڌندي ويجهندي ترقي ڪندي سيني به سيني اڳتي وڌندي رهي.

پر جڏهن سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري يلغار جي صورت ۾ وڌي ته ٻين ٻولين جي اثر سبب ٻوليءَ جو بگاڙ وڌڻ شروع ٿيڻ لڳو. پوءِ درست ٻولي نصاب جي ڪتابن، استادن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي لکت مان سکي وڃڻ لڳي. ان ڪان پوءِ ريڊيو، خاص ڪري ريڊيو حيدرآباد جي صداڪارن، ميزبانن، شاعرن به سڌي ۽ اڻ سڌي طرح درست ٻوليءَ جي درست استعمال ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. پر اڄ ڪلهه صورتحال اها آهي، جو هاڻ نصاب جي ڪتابن ۾ به گرامر جي ڪيترن ئي عام سادن قاعدن جو نه باقاعدي مستند استعمال ٿوٽئي ۽ غطيون به وڌنديون پيو وڃن، ۽ سکڻ جا ٻيا سمورا وسيلا خود بگاڙ جو شڪار آهن. تنهن ڪري نه صرف ڳالهائڻ، پر لِکت ۾ غلطيون ۽ مونجهارا وڌيا آهن. ٻُڌندا

آهيون ته ٽيهه يا چاليهه ورهيه اڳ تائين گرامر جا ماهر استاد هوندا هئا، جيڪي شاگردن کي درست ٻولي ڳالهائڻ ۽ خاص ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريندا هئا، پر هاڻ ائين ڪونهي!

اڄ جي دور ۾ ٻوليءَ جي بگاڙ جا سبب به گهڻا آهن، مثال طور: پرنٽ توڙي سوشل ميڊيا تي ٻوليءَ جو غلط استعمال، نجي اسڪولن ۾ سنڌي نه پڙهائڻ، ادارن ۽ آفيسن ۾ ٻين ٻولين جي استعمال ۾ واڌارو، مارڪيٽ جي زبان اردوءَ هجڻ ۽ ان سان گڏ انگريزي، بلوچي، سرائڪي، ٿري ۽ ٻين علائقائي لهجن سبب به بگاڙ وڌيو آهي. تنهن کان سواءِ سرڪاري اسڪولن ۾ به ٻوليءَ جا ڄاڻو استاد نه هجڻ سبب به رس چس واري ٻولي ٻُسي ٻُسي ٿيندي پئي وڃي. نه ته جيڪڏهن ٻارن کي رڳو "سنڌي ٻاراڻو ڪتاب "ڌيان ۽ سمجهاڻيءَ سان پڙهائجي، ته به ٻار لکت ۽ ڳالهائڻ جو اصولي طريقو سکي سگهي ٿو ۽ ڪَچي وهيءَ ۾ سکڻ سبب، ڪيس سڄي عمر ياد به رهندو.

سوشل ميڊيا جي عام ٿيڻ ۽ ان تي سنڌيءَ سافٽ ويئر اچڻ سان به متضاد ڳالهيون سامهون آيون آهن. هڪ ته ٻوليءَ جي بقاءَ جي وڏي حد تائين ضمانت به ملي آهي، ته ٻي پاسي هر ماڻهوءَ جي شاعر ۽ ليکڪ ٿيڻ جي شوق، ٻوليءَ ۾ بگاڙ کي به وڌايو آهي، مٿان وري ظلم اهو ته جيڪي ماڻهو، خاص ڪري نوجوان ٻوليءَ ڏانهن جذباتي آهن، اهي خود، زنده ٻوليءَ جي وصف، اُسرڻ ۽ بگاڙ جي فرق کي نٿا سمجهن. نتيجي ۾ غلط فهمين جو شڪار ٿين ٿا ( ان موضوع تي الڳ سان ڪڏهن لکبو) اڄ هن مضمون جو مقصد اهو آهي، ته لکت ۽ ڳالهائڻ ۾ ٻوليءَ جي بگاڙ بابت عام خاص سببن ۽ درست استعمال بابت بنيادي ڄاڻ دوستن، خاص ڪري نوجوانن تائين پهچائجي. تنهن ڪري ٻوليءَ جي رومن اسڪرپٽ ۾ لکڻ يا ديوناگري لِپي بابت بحث کي ڇڏي، اسان هتي مُستَنَد يا معياري ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ عام غلطين ۽ درست استعمال بابت ذڪر ٿا ڪريون. جيئن ته پاڻ وٽ هن وقت رائج سنڌي، عربي لِپي ۾ آهي. جنهن جي اکرن واري پٽيءَ ۾ ٻاونجاهه اکر آهن. الف همزي جي موجودگي، وچ ۾ الف جي جڳهه تي استعمال لاءِ آهي، يعني اهو الف جو ئي آواز آهي، تنهنڪري سنڌي اکرن واري پٽيءَ ۾، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت سميت ڪل ايڪونجاهه اُچار آهن. پر هر وڏي ٻوليءَ جو فطري مزاج ۽ رواني الڳ هوندي آهي ۽ ڳالهائڻ سکڻ واري عمر ۾ مادري ٻولي ڳالهائڻ وقت، ڳالهائڻ ۾ استعمال ٿيندڙ عضون جي حرڪت جو بنياد اهڙو پئجي ويندو آهي، جو ٻي ٻوليءَ وارا مختلف اُچار اُچارڻ تقريبن نا ممڪن يا بيحد ڏکيا تي پوندا آهن. جڏهن اهي اُچاربا آهن ته غير فطري لڳندا آهن. تنهنڪري اهو ڏاڍو ڏکيو آهي ته پرائمري اسڪول ۾ پهچڻ تائين سنڌ جو عام ٻار الفابيٽ جا سمورا ايڪونجاهه اُچار ڳالهائي سگهي ۽ نه ئي سڀ استاد ڳالهائي سگهندا آهن ( عربي ۽ سنڌيءَ تي هڪ ئي وقت عبور رکندڙ استاد ڪانسواءِ) ز، ذ، ض، ظ جيڪي عربيءَ ۾ چار الڳ اُچار آهن، پر انهن جي جاءِ تي اسان صرف ز ئي استعمال ڪندا آهيون. اهڙي ريت، ت ۽ ط مان صرف ت، ث، س ۽ ص مان اسان صرف س جو استعمال ڪندا آهيون. ع ۽ الف جي جاءِ تي به صرف الف. ح جي جاءِ تي به ھ ۽ ٻنهي قافن يعني، ق ۽ ڪ جي جاءِ تي صرف ڪ استعمال ڪندا آهيون، جيڪي خراب نٿا

لڳن. پر خ ۽ ک، غ ۽ گ جو فرق وڏيک واضع آهي، تنهنڪري جڏهن بہ خ بدران ک ۽ غ جي بدران گ استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ، ڄٽڪو لهجو لڳندو آهي. مثال طور: جڏهن اوهان خبر کي ڪبر چوندئو يا غلام کي گلام چوندئو تہ خراب لڳندو. تنهنڪري اهي اُچار ڄڻا اچارڻ گهرجن . اهڙي طرح ف ۽ ق جي اچارن ۾ بہ ڪافي فرق آهي. ق جيڪو نج سنڌي اچار آهي، تِنهن جي حالت بہ قابلِ رحم آهي، ستر ـ اسي سيڪڙو ماڻهو ق جي جاءِ تي بہ ف استعمال ڪن ٿا ۽ هاڻ تہ لکت ۾ بہ اهو سلسلو عام ٿيندو پيو وڃي. سو جيڪڏهن سنڌي اکرن واري پٽيءَ مان، ذ، ض، ظ، ث، ص، ح، ط، ع، ق ڪڍي بہ ڇڏجن ۽ همزو ( ء) هوندئن ئي الف جو آواز آهي، تہ سنڌي ماڻهن کي گهٽ گهٽ ۾ باءِتاليهہ اُچار ضرور اُچارڻ گهرجن . خاص ڪري، ڳائڻا، صداڪار، اداڪار، اينڪر پرسن، ميزبان، آر جيز ۽ نيوز ڪاسٽرن وغيره کي تہ اهي اچار، ڪنهن بہ صورت ۾ صاف اچارڻ گهرجن.

تنهن ڪانپوءِ ٻوليءَ جي بگاڙ ۽ مونجهارن جو سبب آهي اسمن ۽ جنسن جي فرق جو. جيئن تہ سنڌي ٻولي هڪ مڪمل ٻولي آهي، تِنهن ڪري اُن ۾ استعمال ٿيندڙ هر اسم جي جنس مقرر ٿيل آهي، پر اردو، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جي اثر سبب، اسمن جي جنس جو بگاڙ صفا عام ٿي پيو آهي، جيئن: صُبُحُ، ڪِتابُ، اِطلاعُ، فِڪُر،آواز، نظم، غزل ۽ اسڪول وغيره سنڌيءَ ۾ مذڪر آهن، پر لاتعداد ماڻهو اُنهن کي مؤنث ڪري، نہ صرف ڳالهائن ٿا پر لکن بہ ٿا! اهڙي ريت موسم، دل، منع، چانهہِ وغيره مؤنث اسم آهن، پر اُنهن کي مذڪر بہ استعمال ڪيو ٿو وڃي! ڪي ٿورڙا اسم اهڙا آهن، جيئن، بقاءَ ، مهورت، پگهار، اجرڪ ، يُنگ، اولاد، رَٿُ، بهار ۽ طُهر وغيره جيڪي سنڌ ۾ ٻنهي جنسن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. جن مان بہ اولاد ۽ رَٿُ مذڪر، اَجرَڪَ ۽چانهہِ مونث آهن. باقي صفا ٿورڙن لفظن تي انا يا ضد نہ پر علمي مباحثو ٿيڻ گهرجي ۽ سوچ وڏي رکندي، انهن کي تڪراري نہ بنائڻ گهرجي. هتي آئون اسمن جي جنس جي واحد ۽ جمع بابت بنيادي قاعدا ٻڌائڻ چاهيان ٿو، تہ جيئن نوجوانن لاءِ سهولت ٿي پوي. جنهن ۾ ڪا عربي يا فارسي ڪانهي، جيڪي صفا سَولا ۽ هر ماڻهوءَ کي سمجهہ ۾ اچڻ جهڙا آهن. انهن کي سمجهڻ/سکڻ، هر استاد، شاگرد، لکندڙ- پڙهندڙ ۽ ڳالهائيندڙ جي ذميواري آهي. جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جي فطري مزاج مطابق سنڌيءَ ۾ اسمن جي پڇاڙي مُتحرڪ هوندي آهي، يعني آخر ۾ زبر، زير، پيش،آ، او، ي (مجهول ) يا يِ (معروف) لڳندا آهن، تنهنڪري انهن جي واحد جمع جو قانون بہ انهن مُتحرڪ پڇاڙين جي آواز سان لاڳاپيل آهي. جنهن جو هڪ قاعدو آهي پر ڪي ٿورڙا اسم اهڙا آهن، جيڪي هن قاعدي کان ٻاهر آهن. قاعدو ائين آهي تہ، جن مذڪر واحد اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش لڳو ٿو، انهن ۾ پيش جي جڳهہ تي زبر لڳائڻ سان واحد مان جمع ٿي ويندو آهي. جيئن: پٽرُ معنا هڪ ۽ پٽرَ معنا گهڻا. جيئن چَندُ معنا هڪ، چندَ معنا گهڻا. ڪِتابُ معنا هڪ، ڪِتابَ معنا گهڻا. اهڙي ريت جن مّذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ واوُ لڳندو آهي، انهن ۾ واوُ جي جڳهہ تي الف لڳائڻ سان جمع ٿيندو آهي. جيئن : ڍڳو معنا هڪ ۽ ڍڳا معنا گهڻا. رَسو معنا هڪ، رسا معنا گهڻا. ائين جن مذڪر اسمن جي اڳيان زير واري اُچار سان يِ، يعني ي معروف لڳندي آهي،

ان جو جمع ۽ واحد ساڳيو رهندو آهي، جيئن: ماضِي، رازِي، حاجِي، جانِي وغيره جو واحد جمع ساڳيو آهي. اهڙي ريت جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش سان و لڳندو آهي، ان جو جمع بہ ساڳيو هوندو آهي، جيئن: وَلُو، ڳَهلُو، ساڌُو وغيره جو جمع بہ ساڳيو آهي. جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ الف واوُ نون ڳُهٽي سان لڳندو آهي، تن جو جمع بہ ساڳيو هوندو آهي، جيئن: پنُهون، ٻُٺُون، ڀَٺُون، وغيره.

هاڻي اچون ٿا مؤنث اسمن جي قاعدي تي. جيئن تہ هي هڪ صفا سئولو قاعدو يا اصول آهي، جيڪو عام ماڻهو تہ نهيو، پر لکندڙ پڙهندڙ دوست بہ سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن. اڪثر مؤنث واحد اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ يا تہ زبر لڳندي آهي يا زير يا يِ معروف لڳندي آهي يا آ لڳندو آهي. جن مونث اسم جي پڇاڙيءَ ۾ زبر لڳندي آهي، ان جي جمع ٺاهڻ لاءِ آخر ۾ "واوُ ۽ نون ڳُهٽو "لڳندو آهي. جيئن : ڪَٿَ جو جمع ڪٿُون، ٺَٽَ جو جمع ٺَٽُون، ٺَلَ جو جمع ٺَلون، ٻَسَ جو جمع ٻَسون وغيره آهي. جن مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ زير لڳندي آهي، انهن جي جمع ٺاهڻ لاءِ، پڇاڙيءَ ۾ ي و ن( يُون) لڳندو آهي. جيئن: اَڪِ جو جمع اڪيون، پِتِ جو جمع پِتيون، لَٺِ جو لنيون، دِلِ جو جمع دليون وغيره آهي. اهڙيءَ ريت جن مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ يِ معروف لڳندي آهي، ان جي جمع لاءِ بہ "يُون "لڳندو آهي، جيئن: ڪهاڙي، ٻاڙي، گاڏي، ٽاري وغيره انهن جو جمع، ڪهاڙيون، ٻاڙيون، گاڏيون، ٽاريون وغيره ٿيندو. ڪن مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آ لڳندو آهي، انهن جو جمع ٺاهن لاءِ ء و ن( ئون) لڳائڻا پوند آهن. جيئن: هوا، ڏارا، هچا، يعني انهن جو جمع، هوائون، ڏارائون، هچائون وغيره ٿيندو. اهڙي ريت ڪن ٿورڙن مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش لڳندو آهي( هڪ اهم نڪتو اهو بہ آهي تہ ڪي ٿورڙا مذڪر ۽ مونث اسم اهڙا بہ آهن، جن جي اُچار يا واحد جمع جا اصول بي قاعدي آهن) سو جن مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش لڳندو آهي، اهي بي قاعدي وارا اسم سڏبا آهن جيئن: ماءُ، ڌيءُ، سَسُ، وِڄُ وغيره مونث اسم آهن، پر هنن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش آهي ۽ هنن جي جمع جو ڪو بہ قائدو ڪونهي. مطلب هنن جو جمع مائرون، ڌيئر، سَسُون، وڄُون وغيره آهي. اهڙي ريت پيءُ جو جمع پيئر ۽ ڀاءُ جو جمع ڀائر بہ بي قاعدي آهن. هتي هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ڪندو هلان، تہ لفظ "سيٽِ"مذڪر آهي، پر ان جو جمع، ان ڪري سيٽيون آهي، ڇو جو سيٽِ جي پڇاڙيءَ ۾ زير آهي، ۽ ڏيڊِ لفظ جي آخر ۾ بہ زير آهي، تنهنڪري ڏيڊِ جوجمع ڏيڏيون آهي. اهڙي ريت ٻٽي لفظ ڪم ڪارِ جي آخرِ۾ بہ زير آهي، تنهنڪري ان جو جمع بہ ڪم ڪاريون آهي. تِنهن ڪري آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد ۽ جمع جو بنياد ئي اچارن تي ٻيڌل آهي .

سنڌي ٻوليءَ جي فطري حسن ۽ وُسعت جو هڪ ٻيو مظهر هيءُ بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ مذڪر ۽ مؤنث اسمن لاءِ اِشارتي لفظ الڳ الڳ آهن، پر اردو سميت ٻين وڏين ٻولين ۾ بہ ائين ڪونهي، مثال: اردوءَ ۾ چئبو ڪوئي گاڙي آئي هي، ڪوئي عورت ٿي، ڪوئي مرد ٿا، ڪوئي استاد ٿا يا ڪوئي استاني ٿي. يعني ٻنهي جنسن بابت جملن ۾ لفظ "ڪوئي "استعمال ٿيا. جڏهن تہ سنڌي ۾ مذڪر لاءِ، ڪو، سو، جو، جيڪو ۽ مونث لاءِ ڪا، سا، جا، جيڪا استعمال ٿيندا آهن. جيئن مذڪر اسمن لاءِ: ڪو

ڏبو، سو ڇوڪرو، جيڪو ڪتاب وغيره. مؤنث اسمن لاءِ: ڪا ڏبي، سا ڇوڪري، جيڪا ڳالھ وغيره.
اهڙي ريت سنڌيءَ ۾ ”ڪونهي “مذڪر اسم لاءِ ۽ ”ڪانهي “مونث اسم لاءِ آهي. پر اسانجا اڪثر دوست ”ڪا ڳالھ ڪانهي “ڪي ”ڪو ڳالھ ڪونهي “يا ”فِلاڻو گھر ڪونهي “ڪي ”فِلاڻو گھر ڪانهي “ ڳالهائيندا آهن! جيڪو پڻ ٻوليءَ جي حسين چهري تي تيزاب هارڻ برابر آهي.

اهڙي ريت سنڌيءَ ۾ ڳڻپ جي حوالي سان بہ جملي جي بيهڪ يا نوعيت جي نسبت سان درست جملا استعمال ڪرڻ ۾ انفراديت ۽ سونهن آهي. جيڪو ٻوليءَ جي وسعت جو ثبوت آهي. مثال اردوءَ ۾ ڇئبو، آج ڪونسي تاريخ هي، ان جو سنڌي ترجمو ٿيندو، اڄ ڪهڙي تاريخ آهي. جيڪو جملو غلط آهي . درست جملو ٿيندو اڄ ڪائين تاريخ آهي؟ اهو جملو ئي درست جواب ٿيندو، اڄ پنجين تاريخ آهي يا ارڙهين تاريخ آهي، نہ ڪي، پنج تاريخ يا ارڙهن تاريخ. اردوءَ ۾ پڇبو آهي: آپ ڪونسي ڪلاس ۾ پڑهتي هين؟ پر سنڌيءَ ۾، ڪهڙي ڪلاس نہ، پر ڪائين ڪلاس ڇئبو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو هڪ نئون حوالو اهو بہ آهي، ڪي اڌ پڙهيا يا غير ذميوار ماڻهو، سنڌ ڪي سنڌھ، سنڌڙيءَ ڪي سنڌهڙي، ڏگهڙيءَ ڪي ڏگري يا ڏگڙي، گولاڙڇيءَ ڪي گولارچي، عمرڪوٽ ڪي عمر ڪوٹ يا عمرڪوٽ لکن ۽ پڙهن ٿا. جيڪو پڻ ٻوليءَ سان وڏو ظلم آهي. ساڳي طرح، پر پاسي ڪي آس پاس. ڄڄ ڪي بارات. ڳڻپ ڪي گنتي وغيره جو استعمال هاڻي ڳوٺن تائين بہ پهچي چڪو آهي.

ائين اسان وٽ اخباري دنيا ۾ ڪجھ مخصوص جملا، ڍاڪن ڪان لڳاتار بگاڙ جو شڪار آهن ۽ اهو بگاڙ هاڻ سوشل ميڊيا تي صفا عام آهي، جيئن درست جملو ٿيندو ”: ڪپري ۾ چوريءَ جي واردات “ پر اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي لکجي ٿو ”ڪپرو ۾ چوري جي واردات “يا لکن ٿا ”عطا محمدي پنيرو لکيو آهي “درست جملو ٿيندو ”عطا محمد پنيري لکيو آهي “سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ انفراديت ۽ سونهن اها بہ آهي تہ زير واري ي( ي معروف) ڪانپوءَ اڳيون لفظ گنديندڙ هجي تہ ”ءَ “جو استعمال وڏو خوبصورت ۽ منفرد لڳندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو سنڌي ٻوليءَ جو فطري رنگ آهي. جيئن: جهوليءَ ۾ آهي، ٻوليءَ جي ڪري. رليءَ تي آهي، ٻليءَ جو ٻچو وغيره. اهڙن جملن مان همزو حذف ڪرڻ بہ ٻوليءَ سان نا انصافي آهي. پڪ ڪجي ٿي تہ دوست ٻوليءَ جي اهميت کي سمجهندي، ٻوليءَ ڏانهن پنهنجن روين کي ذميواراڻو ڪري، پنهنجو فرض ادا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا ۽ ٻوليءَ جي ترقي ۽ بقاءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا۔